ڊاڪٽر الھوسايو سومرو
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو
شاھہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

# خليفي ربڏني هڪڙي جي شاعريءَ جو جائزو

# THE POETRY OF KHALIFO RAB DINO HAKRO: A SHORT ANALYTICAL STUDY


## Abstract

Rab Dino son of Gul Mohammad Hakro was born and grew up at village Ghulam Hussain Hakro, District Larkana, Sindh. He got the Islamic education and grew up to be a scholar of Arabic and Persian and Hafiz Quran Majeed. He used to live with simplicity. He was very pious and owned a simple life. He liked to live in lonely and spoke very shortly.

He was the spiritual caliph/Khalifa of Hazrat Hafiz Mohammad Siddique Bharchundvi, who was also a sufi Sindhi poet.

Khalifo Rab Dino Hakro was the poet of Sindhi and Seraiki Languages and used to say 'Rab Dino' or 'Rab Dina' as his title/laqb in his poetry. There are about 172 pages in his poetry collection (manuscript) consisting on 167 Sindhi/Seraiki Kafis, 763 Sindhi/Seraiki verses/Bait and 02 Se-Harfi. His birth and death days/ dates are still unknown, yet this is confirmed that he was the poet of the last of the 19th century and beginning of 20th century.

In this paper, his poetry is analyzed and tried has been made to know on which topics/subjects it is said.


خليفو ربڏنو هَڪڙو، ولد گل محمد هَڪڙو ڳوٺ غلام حسين هڪڙو، تعلقو رتوديرو ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جو رهواسي هو.

سندس شمار حضرت حافظ محمد صديقؒ ڀرچونڊوي جي نامور خليفن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ باقاعده فارغ التحصيل عالم ۽ قرآن مجيد جا حافظ بہ هئا ۽ درس و تدريس جي پيشي سان لاڳاپيل هئا. پاڻ نهايت ساده زندگي گذاريندا هئا ۽ سادي طبيعت جا مالڪ هئا. نهايت گهٽ ڳالهائيندا هئا. متقي ۽ تنهائي پسند هئا.

”گهڻين ئي ڪرامتن جا مالڪ هئا. دؤران ذڪر الاهي وجد ۾ اچي ويندا هئا. جڏهن لاالاہ چوندا هئا تہ جسم جا عضوا الڳ ٿي ويندا هئا ۽ جڏهن

الالله تي پهچندا هئا تہ بيهر صحيح سالم بڻجي ويندا هئا.“ (1)

خليفي صاحب کي ظاهري ۽ ديني علمن جي شوق کان علاوه روحاني علمن سان بہ گهڻي دلچسپي رهندي هئي ۽ ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ مرشد جي تلاش ۾ نڪري پيا. ائين ڳولا ۾ هلندا اچي پٽ شاهہ پهتا ۽ اتي رات جو ترسي پيا.

”خواب ۾ هڪ بزرگ کيس پرچونڊي شريف ۾ حضرت حافظ محمد صديقؒ وٽ وڃڻ جي هدايت ڪئي ۽ پاڻ اتان پيادل هلي ڪري پرچونڊي شريف پهتا ۽ حضرت حافظ محمد صديقؒ کان بيعت جو شرف حاصل ڪيائون. ڪجهہ عرصي ۾ کيس خرقہ خلافت عطا ٿيو.“ (2)

سندس تاريخ پيدائش ۽ وصال ڪونہ ملي سگهي آهي. پاڻ رڳو هڪ عالمِ دين ۽ حافظ قرآن مجيد نہ هئا، پر قادرالڪلام سنڌي ۽ سرائيڪي زبان جا شاعر بہ هئا. ربڏنو يا ربڏنہ تخلص ڪم آڻيندا هئا. سندس قلمي بياض بہ راقم کي مليو آهي، جيڪو نهايت زبون حالت ۾ اڌوهي کاڌل آهي. جلد جا پانا ٽٽل آهن. هي بياض خانقاهہ پرچونڊي شريف جي موجوده سجاده نشين جناب حضرت پير عبدالخالق قادري کان حاصل ٿيو. هن قلمي بياض ۾ ڪٿي بہ ڪاتب جو نالو ڪونہ ٿو ملي ۽ نہ ئي وري، لکجڻ جي تاريخ وغيره. البت قلمي نسخي جي آخري صفحي کان هڪ صفحو اڳ ۾ يعني صفحي نمبر 170 جي اڌ تي بيت جي آخر ۾ هيئن لکيل آهي. ”تمت بالخير/1950ع“ پر ان سان لڳولڳ نيري مس واري قلم سان مناجات لکيل آهي ۽ ساڳئي صفحي جي بلڪل هيٺئين پاسي آخري سِٽ هيٺان 19.9.59 لکيل آهي. بهرحال هن مان يقيني طور تي نٿو چئي سگهجي تہ هن قلمي نسخي کي ڪڏهن سهيڙيو ويو، پر هِتي بہ گمان پيدا ٿين ٿا تہ صفحي 170 جي وچ تي تمت باالخير هيٺان جيڪو سال 1950 لکيل آهي، سو درست ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ساڳئي صفحي جي هيٺئين اڌ پاسي ۾ نيري مس واري پين سان لکيل مناجات هيٺان 59- 9- 19 کي اهميت نہ ڏيڻ گهرجي. سموري قلمي بياض ۾ ڪٿي بہ نيري مس وارو قلم استعمال نہ ٿيل آهي ۽ ڪاري مس واري قلم کي ڪتب آندو ويو آهي. ٻيو تہ خوشخطي يعني Calligraphy بہ مختلف لڳي ٿي. ان مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ رسالو 1950ع ۾لکيو ويو هجي ۽ شايد آخري ڪلام مناجات وارو لکجڻ يا سهيڙڻ کان رهجي ويو هجي، تنهن ڪري نوسال پوءِ سهيڙيو يا لکيو ويو هجي.

هن قلمي نسخي ۾ ڪل 172 صفحا آهن، جڏهن تہ آخري بہ صفحا يعني صفحو نمبر 173 ۽ 174 وارو ورقو حاشيءَ وٽان ڦاٽل، نڪتل ۽ اٿلپ آهي. پوري رسالي ۾ 167 ڪافيون آهن ۽ صفحي نمبر 68 تي هيئن لکيل آهي: ”تمت باالخير“ تنهن هيٺان ”ڪافي پورو ٿيو“ ۽ ان جي هيٺان ”بقلم ربڏنو پٽ فقير گل محمد ذات هڪڙو، ويٺل ڳوٺ غلام حسين هڪڙو“ ان هيٺان هي لکيل آهي تہ ”ڪافيون چيل فقير خليفہ

صاحب ربڏنو ابن ٺارو فقير قوم هڪڙو درگاهه از برچونڊي شريف ڪافيون جملہ 165 + 2= 167."

بهرحال هن قلمي بياض ۾ مجموعہ ڪلام جو تذڪرو اڳ ۾ ڪٿي ڪونہ ٿو ملي. صفحي نمبر 7 کان صفحي نمبر 67 تائين ڪافيون ڏنل آهن. جڏهن تہ صفحي نمبر 69 کان صفحي نمبر 172 تائين مختلف سُرن جا بيت ڏنل آهن.

جڏهن زبون ۾ نهايت نفيس پُرڪندڙ ڪاغذ واري هن قلمي بياض جو اڀياس ڪيو ويو تہ معلو ٿيو تہ هن بيت سُرن مطابق ڏنل آهن ۾ هر سُر جي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ سُر جو نالو ڏنو ويو آهي. خليفي صاحب جي هن بياض ۾ سُرن ۾ بيتن جو نچوڙ هن طرح آهي:

ڪافين واري حصي ۾ ڪافيون بہ سُرن سان لکيون اٿس. انهن سُرن ۾ سُر ميهار، سُر عمر مارئي، سُر سورٺ، سُر سارنگ، سُر سسئي، سُر مومل راڻو شامل آهن.

| جريان نمبر | سُر جو نالو | بيتن جو تعداد |
|---|---|---|
| .1 | سُر ڪاموڏ/ نُوري | 74 |
| .2 | سُر حسيني | 145 |
| .3 | سُر بيراڳڻ هندي جو = سرائيڪي بيت | 47 |
| .4 | سُر سهڻي<br>هر تاريخ جا بيت يعني پهرئين ٻئي<br>ٽيهہ اکري | 116 بيت<br>ڪل 34 |
| .5 | سُر ڪيڏارو | 19 |
| .6 | سُر مارئي<br>ٽيهہ اکري<br>عمر ۽ مارئي جا هڪ ٻئي کي سوال جواب | 137<br>34<br>55 |
| .7 | سُر هير – رانجهو (سرائيڪيءَ ۾) | 13 |
| .8 | سُر ڪيڏاريجو | 89 |
| | بيتن جو ڪل تعداد | 763 |

ڪافين توڙي بيتن ۾ موضوع ۽ داستان گوئي جي لحاظ سان سُرن جا نالا ترتيب ڏنل آهن، جڏهن تہ سُر ڪيڏارو کي ٻن حصن ۾ ورهايو اٿس. پهرئين حصي جا ڪُل اٺويهہ بيت صفحي نمبر 129 ۽ 130 تي آهن، تنهن جو موضوع ڪربلا جي واقعي سان واسطو نٿو رکي، پر ان ۾ سسئي جو ذڪر ملي ٿو. سُر ڪيڏاري جو ٻيو حصو جيڪو 89 بيتن تي مشتمل آهي ۽ صفحي نمبر 161 کان صفحي نمبر 170

تائين آهي، تنهن ۾ ڪربلا جي واقعي جو تذڪرو ڪيو اٿس.
صفحا نمبر 171 ۽ 172اڌ ڦاٽل آهن. تنهن مان صفحي 171 تي مناجات ۽ بيت ۽ جڏهن ته صفحي 172 تي سُر مومل راڻي جي هڪ ڪافي ڏنل آهي.

خليفي صاحب جي بيتن جو جڏهن فني ۽ فڪري جائزو ڪجي ٿو ته معلوم ٿيندو ته سندس بيت، بيتن جي تحريري طرز تي ڪونه لکيل آهن. اهي نثر وانگر هڪ ٻئي پٺيان سندن مصراعون آهن. جيئن ئي هڪ بيت مڪمل ٿئي ٿو، تيئن ساڳئي سِٽ تي ٻيو بيت شروع ٿئي ٿو. هر هڪ بيت گهٽ ۾ گهٽ ٽن يا چئن سٽن ۾ ملي ٿو ۽ اهو دوهو سورٺو ميلاپ تي آهي.

صورتخطيءَ جو جائزو وٺبو ته بيتن توڙي ڪافين جي صورتخطيءَ مان معلوم ٿيندو ته انهن ۾ استعمال ٿيل لفظ معياري توڙي مروج صورتخطي ۽ لهجي کان ڪجهه مختلف آهي. جهڙوڪ:

| رسالي مطابق لکڻي يا لهجو | معياري لکڻي يا لهجو |
|---|---|
| مابدڪار | مان بدڪار |
| ساڙيا | ساڙيان |
| ماڪيا | مان ڪيا |
| آهيم | اٿم |
| نراڪم (سرائيڪي) | نران ڪم (سرائيڪي) |
| زناورا | جانوران |
| سالق | سالِڪ |
| جڏا (سرائيڪي) | جڏان يا جڏهان (سرائيڪي) |
| تڏا | تڏان يا تڏهان |
| سولت | صورت |
| اناندي | انهاندي |
| جنا | جنهان |
| تبي | تاٻي |
| گهنجي | گهنيجي |
| صحي | صحيح |
| سابت | ثابت |
| فڪل | فڪر |
| اُنن | اُنهن |

خليفي صاحب جي ٻولي عارفاڻي ۽ صوفياڻي آهي. هو پنهنجي بيتن ۾ هر هنڌ پنهنجي رب سان مخاطب آهي. ڪٿي دعائون ٿو طلب ڪري ته ڪٿي وري نماز پڙهڻ کان انڪار ٿو ڏيکاري. جيئن رسالي جي بلڪل آخري صفحي تي اٺپوري بيت ۾ چوي ٿو ته:

جيڪي عيب جهان ۾، سي مون منجهه مڙيئي،
عمر گذاريم عميان ۾، ڪي...............
صاحب تو سپيئي، بخش بديون ما بدڪار ڪي.
*(صفحو نمبر 171)*

صفحي نمبر 102 تي بيت نمبر 20 ۾ چوي ٿو ته:

نماز پڙهڻ ڪم زناني، نران را ڪم پهچاڻ نيهن،
عشق دا قدم سپ ڪم اتي، جيئن زناوران وچ گجي شينهن،
عاقل هوون اوندهه وچ، عاشقان ايوين ڪيتا جيئن چتا ڏينهن،
محبت پڇاڻڻ ڪم مردان دا، ايوين ڄيوين مکڻ جمائڻ جتا تتي ڏينهن،
ڪي سالڪ وتن چالا سِڪايون، جتا اَٺ پهر وسدا مينهن،افاڪيتا رات وچون ڏينهن.

خليفي صاحب وٽ ظاهري علم جي اهميت ايتري ناهي، جيتري باطني علم جي. پاڻ انهن عالمن کي ڏڪارين ٿا، جيڪي پنهنجي اندر کي اُجرو نٿا رکن ۽ ڪتاب پڙهڻ سان سندن اندر جو مير نه ڌوئجي ۽ لهي سگهيو آهي ۽ وڏيڪ ڪين صلاح ڏئي ٿو ته اهو مير تڏهن ختم ٿيندو، جڏهن پنهنجي اندر رب جي جاءِ ناهيندو. هن طرح بيت ۾ چوي ٿو ته:

جنا دور نه ڪيتا دم والا رهي دل سياه انانديِ،
پڙهه پڙهه عالم هويا تبي هووي تالب زور زرنديِ،
دم ڪماوڻ پاجهون ڪلي مور نه درڪ دل دي،
ڪوڙي ڪتاب پڙ رهيا تبي مويا مول نه دز اندر دي،
تڏا ويسي سياسي دل وچو ربڏنه، جڏا روح رهاوي وچ رب دي.
*(بيت نمبر 28 صفحو نمبر 104)*

خليفي صاحب مرشد جي چونڊ لاءِ پنهنجي هينين بيتن ۾ صلاح ڏئي ٿو ته مرشد اهو چونڊيو، جيڪو توهان کي الله وحده لاشريڪ لهٔ جي راهه ڏيکاري. جيئن بيت نمبر 39 جي آخري سِٽ ۾ چوي ٿو ته:

”مرشد اهو گهنجي جو ويکائي راه رباني.“
*(صفحو نمبر 105)*

۽ بيت نمبر 40 جي آخري سِٽ ۾ ساڳيءَ ڳالهه دُهرائي ٿو تہ:
”مرشد اهو گهنيجي جو نظارو ويکاوي ربڏنا هڪ رب دا.“
*(صفحو نمبر 106)*

پاڻ چون ٿا تہ جنهن وٽ عشق ۽ حب الله جي آهي تہ اهي دل ۾ بيو ڪو خيال ئي ڪونہ ٿا رکن، اُهي ٻيو سبق ڪونہ ٿا پڙهن. هميشہ توحيد جي طلب رکن ٿا ۽ ٻي ڪنهن شئي سان محبت ڪونہ ٿا رکن. اُهي پنهنجو پاڻ کي جيئري ئي خدا جي محبت ۾ فنا ڪري ڇڏين ٿا. صفحي نمبر 106 تي بيت نمبر 43 ۽ 44 ساڳيو خيال پيش ڪن ٿا.

**بيت** 43 :

جنا حاضر ڪيتي هيڪڙائي، رهي دل حضور اناندي،
جي فاني هوون في الله وچ، اهي مول نہ منگن حب لوڪاندي،
جي آپ نفي تي نظارو ويکن، دل رهبر تي رهي راه اناندي،
سي توڙ ڪِرسن ربڏنہ، جو جيئري موت ميجي دل جناندي.

**بيت** 44:

جنا صحي ڪيتا سير هيڪڙائي والا، اهي ول ڪتابي پرت پڙهن،
جو طالب هوسن توحيد والا، اهي مول نہ محبت مٽن،
جي ڪجي ٻيي خيال وچ، اهي هميشہ طلب وچ ترن،
سابت سڪ هوسي اناندي ربڏنہ، جو مولا دي محبت وچ مرن.

پاڻ پنهنجي مڙني سُرن ۾ قرآن مجيد جي آيتن مان مدد وٺندي ڪين پنهنجي بيتن ۾ استعمال ڪيو اٿن ۽ اهڙي تہ سهڻي نموني پيش ڪيو اٿن، جو بيت معنيٰ ۽ خيال جي بلنديءَ کي ڇُهن ٿا.
سُر سهڻيءَ ۾ چون ٿا تہ:

جن جو صلح ساهڙ سان، هي ڏهہ نہ ڏسن،
ڪيڍيائون ڏهہ ڏيل مون، رکي حب هن پر هلن،
وَحَسَنُ ثَوَابُ الآخِرَةِ، اني پنڌ پرن،
لنگهي ربڏنہ چوي، هلي پهتيون ساڻ پرين،
اهي ڪيئن ويرن ۾ ورسن، جن ساهہ ڏنو ساهڙ کي.
*(بيت نمبر 107، صفحو نمبر 118)*

سُر ڪيڏارو جي هڪڙي بيت ۾ صحيح دوست جي انتخاب لاءِ پاڻ چون ٿا ته، دوست اهو چونڊجي جيڪو چڱو ۽ نيڪ هجي ۽ اهو ٻين جي مال ڦٻائڻ وارو نه هجي ۽ اهو ٻچڙين عادتن جهڙوڪ: محنت چور يا ڪم چور، حرام جي مال تي ساهه ڏيڻ وارو ۽ پاڻ نه ڪمائڻ وارو، ڪان پاڪ هجي. هيٺئين بيت ۾ چون ٿا ته:

بچڙي عادت اُنن جي، ٻين جا ڪاج ڪسن،
پنهنجي قوت پري ڪري، ٻين جا پاڻ تڪن،
پسي پرائي بسارت، ترت پيا اهي تڙ ڏسن،
هر دم حرام تي، لڙڪيون پيا لڙن،
اهي سپر ڪيئن سڄڻ، جو رکن محبت پرائي مار تي.

*(بيت نمبر 12، صفحو نمبر 111)*

سُر مارئي ۾ خليفو صاحب مارئي جي همت ۽ حوصلي ۽ عمر سومري جي آڇ ڪيل سيني لالچن ۽ سهولتن کي ٺڪرائڻ جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪي عمر مارئي کي ڪوٽ ۾ قيد ڪري ڪيس پيش ڪيون هيون. مارئي واتان عمر سومري جي هر سوال جو جواب نهايت سهڻي نموني ۽ پختگيءَ سان پيش ڪري ٿو. هڪڙي بيت ۾ مارئي، عمر سومري کي مخاطب ٿي چوي ٿي ته قسمت جي ڪري هتي ڦاٿي آهيان ۽ هميشه پنهنجي ماروئڙن مائٽن جي سک سلامت رکڻ لاءِ دعا ٿي ڪريان، باقي توسان ڪوٽ ۾ قيد رهي قرب ڪانه ڪنديس ۽ تنهنجا پيش ڪيل سڀ سُک ساڙيان ٿي.

قسمت آٽي قابو ڪيو، لکيي ڪيم لوهه،
شل پٽ رهيم پنهوارن سان، آهيم اٿ پهر اهو اندوهه،
هي جا ڦاٿي فڪل سان، ڪندا تنهن متي توهه،
قرب تنهنجو ڪريا ڪوهه، ساڙيا سُک تنهنجا سومرا.

*(بيت نمبر 3، صفحو نمبر 131)*

خليفي صاحب جي هن قلمي بياض ۾ رڳو هڪ هنڌ تي ٻئي ڪنهن هڪ شاعر يعني خواجه غلام فريد جو هڪ بيت ملي ٿو، باقي ان ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن به ڏارئي شاعر جو ڪلام يا بيت ڪونه ٿو ملي.

صفحي نمبر 139 تي خواجه غلام فريد جو هي دهڙو/ بيت نقل ڪري ٿو:

عشق جهڙا بدنام نه ڪوئي، جو ذات نون ذات جاڻي،
گهردي طعني لوڪان دي مهڻي، سر تي مول نه آڻي،
آکي خواجه غلام فريدا، ياري اٿاهين لائي جي جو اڳلا به قدر ڄاڻي.

سُر هير رانجهي جا ڪُل تيرهن بيت سرائيڪي ۾ ڏنل آهن، جنهن ۾ هو ڄاڻائي ٿو ته عشق ازلي هئڻ جي ڪري ماڻهوءَ کي در در ٺوڪرون کائڻيون پون ٿيون. سڀ ڪجهه ڀُلائجي وڃي ٿو، رڳو پنهنجي محبوب جي اُٺ تڻ دل ۾ گهر ڪري وڃي ٿي.

ماهي دي نال ميڏي هوئي، راه اصل دي،
مئي محبت منجي ميساق وچ، اتاهين ٿين غلام دراندي،
اصل ازل وچ عشق ماهي دا، مين چايا ماريل هوس نظر اندي،
ڪيڙان مين نون خيال نه هويا، چت وچ چاه چوچڪ دي،
شل پت رهي هڪ ماهي دي، ته ميڏا سوايا بخت هووي وچ سيالاندي.
*(بيت نمبر 1، صفحو نمبر 160)*

خليفي صاحب هن قلمي بياض جي آخر ۾ سُر ڪيڏاري جو ٻيو حصو ڏنو آهي. هن حصي ۾ بيتن جو تعداد 89 آهي. هن سُر ۾ ڪربلا جي واقعي جو پُرسوز نموني ذڪر ڪيو اٿن ۽ هر بيت ۾ اهل بيت جي قافلي جي شهيدن کي سُرخرو ۽ ممتاز پيش ڪيو اٿن. جڏهن ته ڪوفي وارن ۽ يزيدي لشڪر کي نيچ ۽ نياڳو ڄاڻايو اٿن ۽ مٿن ملامت به ڪئي اٿن. هيٺئين بيت ۾ خليفو صاحب چوي ٿو ته، امام سڳورا پنهنجي ناني پيغمبر اسلام جا لاڏلا هئا ۽ خاتون جنت جا پيارا پٽڙا هئا ۽ وڏي پيار مان سندن پرورش ڪئي ويئي هئي. قسمت ۽ قضا الاهي سان وڃي ڪربلا جي واريءَ واري گرم ميدان ۾ سر ڏيئي سُرخرو ٿيا، نه ته ڪوفن کي ايتري همت ۽ طاقت نه هئي جو هيڏو هاڃو ڪن:

محرم موتي آيو، امام نه آيا،
مرد ماريت جي ميدان ۾، وڃي قادر ڪُهايا،
جو هيا پيارا پيغمبر کي، جنهن نازڪ نظر نپايا،
اهي قضا رب جي ڪم ڪرايا، نه ته ڪهڙي قوت هئي ڪوفن کي.
*(بيت نمبر 2، صفحو نمبر 162)*

رسالي جي اختتام ۾ مناجات ڏني اٿس، جنهن ۾ پرعزم نظر اچي ٿو ته ڪيس رب طرفان بخشش نصيب ٿيندي، تنهن ۾ چوي ٿو ته:

تون خلقڻهار ناهين چا، تون پالڻهار ناهين چا،
در رحمت تان ڌڪجان چو، تون بخشڻهار ناهين چا.

سندس قلمي بياض ۾ ڪجهه بيت ۽ ڪافين ۾ ڪجهه لفظ اڌوهي کان متاثر ٿيل آهن ۽ نامڪمل لڳن ٿا. قلمي بياض جي هيٺئين پاسي وچ تي پهرئين

صفحي کان آخري صفحي تائين سوراخ ڪاڏل صفحا اهن جنهن ڪري بيت ۽ ڪافيون اڌپوريون ٿيون لڳن پر تنهن هوندي بہ سندن مفهوم کي سمجهڻ اوکو نہ آهي.

سندس قلمي بياض جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس عارفاڻہ شاعريءَ جو موضوع تصوف، توحيد ۽ وحدانيت، محبوب جي عشق، سونهن وسيرت جو بيان وڇوڙو، سورسختيون برداشت ڪرڻ، محبوب کي پرچائڻ. سچي مرشد جي ڳولا ۽ سندس صفت وغيره اچي وڃن ٿا.

سندس قلمي بياض جي لکڻي، اتراڏي لهجي ۽ سرائيڪي ٻوليءَ کان متاثر آهي. ڪاتب جيئن جو تيئن لفظ، جملا ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون آهن، جيڪي خليفي صاحب پاڻ چيا يا پيش ڪيا هئا. لکڻيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪاتب چڱيءَ طرح سنڌيءَ صورتخطي کان واقف نہ آهي. نموني طور سندس قلمي بياض مان هيٺين هڪ ڪافي بيان ڪجي ٿي.

ٿلهہ: مرحبا يا نبي عاربي تو آئي ٿيا دک سڀ دوري
هٿئون تنهنجي حضرتا سڀ چٽن محابي اوهان جي مرسل سڀ جنت پسن
آهي تون مهڙ مرسل سين آهي مٿئون تنهنجو ڪلن جي قرب بي
*(قلمي بياض: ڪافي نمبر 2)*

مٿيئن ليڪ ڏنل لفظن جي اصل صورتخطي بگڙيل آهي، جيڪا اصل ۾ هن طرح آهي:-

| | |
|---|---|
| عاربي | عربي |
| حضرتا | حضرت |
| آهي | آهين |
| ڪلن | ڪل |

اهڙيءَ طرح هر هنڌ اهڙي قسم جي صورتخطي کي سڌارڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. سُر عمر مارئي مان سندس هڪ ڪافي هيٺ پيش ڪجي ٿي جنهن مان سندس ٻوليءَ، لهجو، صورتخطي، لفظن جي ادائيگي ۽ موضوع جو پتو پئجي سگهي ٿو.

ٿلهہ: سڪا وينٖي تن کي ساريان ڏي موڪل ونجي گڏ گذاريا

1. جن هي ٺاروڪيو اڪير اننجي، سڪايم سرير سڪ سنگهارن جي
لَو لَو ۾ اتم لارانن اباڻن جي، اهي ونجي ٿيم پري جداجن ڪون دم نہ گذاريا

2. ڏي موڪل تہ ڏسان وڃي ڏوٿي، جي هيم سنگت سنگهار اهي ڀيم پري ٿي
غم ۾ رات ڏينهن منهنجي گذري ٿي، سڪي سرتن کي وينٖي ساريا

3. موٽيا نہ وري مئي ڏي منهنجا مارو، ساڙيو سڪ ٽيو هيڙو منجو ٿارو
جوش اننجي ۾ ويني نقليان تارو، نت نت نين ڪيون ويني نهاريا

4. ايٽريم اڪير ماڪي انن جي، مئي سري ڪين ري سانگهن جي
ويني نهاريان طرف تن جي، ربڏنہ چوي شل خوش گيت سا گذاريا
*(قلمي بياض: ڪافي نمبر 43)*

سموري قلمي بياض ۾ ٻہ سہ حرفيون (ٽيهہ اکريون) ملن ٿيون. انهن مان هڪ سہ حرفي جا ڪجهہ بند نموني طور پيش ڪجن ٿا:

الف: الف اڪر ايرادت جو عمر اصل اندر ۾ آهي
ڪين جاليان عمرڪوٽ ۾ مارو مهون لاهي
وَاتَّقُو يَوۡمَ لاَّتَجۡزِي نَفس هين هت آهي
جيئري ڏسان تن جيڏن ڪي وجي ماڙ ملائي
شل رازق رب رهائي، ايرادي انن جي

ب: ب بي حد آهي بس تنهنجي برتن ڪون اسا آهي واري سا ويهڻ
اٿم سڪ سرتن جي، پيو اٿم ڏاڏاٽو ڏيهہ ڏسڻ
ڪُلُّ نَفس ذَائِقَتُ المَوت، اٿم اصل اوڏهين وڃڻ
ڪيئن پرچي پنهوار جو ٽيس، نيٽ ساڙيهہ تي سهڙڻ
پرور ڪندو شال پسڻ، جو رهائيندم اني راڄ ۾
*(قلمي بياض: ص ص 137- 138)*

اهڙي طرح سان سندس هن سہ- حرفي جي هر بند ۾ قرآن مجيد مان هڪ هڪ آيت نقل ڪئي اٿس. هيءَ ڳاله سندس عالمانہ وعارفاڻہ طبيعت جو بخوبي ڏس ڏيئي ٿي تہ پاڻ نہ رڳو سنڌيءَ يا سرائيڪي جي ٻوليءَ تي دسترس رکندا هئا پر گڏو گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي علوم ڪان بہ چڱيءَ ريت واقف هئا ۽ سني جاڻ رکندڙ هئا.

قلمي بياض ۾ لکت يا تحرير معياري لهجي توڙي صورتخطي تي پوري لهڻ ۾ گهڻي گنجائش باقي آهي، سڌارڻ ۽ سنوارڻ جي ضرورت آهي، سندس خيال، موضوع ۽ بصيرت تي اڃا بہ گهڻو ڪجهہ مستقبل ۾ تحقيق جي ضرورت آهي.

حوالا


1. مغفور القادري، سيد، عبدالرحمان، لاهور نمبر 2، 1991ع صفحو 69
2. قمر، مهمد بخش ڊاڪٽر، شمس الطريقت و الشريعت في الاثار حضرت حافظ الملت، ڪوئٽہ، قلات پبلشرز 2004ع، صفحو 272
3. هڪڙو ربڏنو، خليفو، "قلمي بياض" (اڻ ڇپيل)